# سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريہ 1986

# SINDH ORDINANCE NO. VI OF 1986

# سنڌ ڪچي آباديون آرڊيننس، 1986

# THE SINDH KATCHI ABADIS ORDINANCE, 1986

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

2. اوور رائيڊنگ افيڪٽ
Overriding effect

3. تعريف
Definitions

4. اٿارٽي جو قيام
Establishment of the Authority

5. اٿارٽيءَ جا انتظام
Administration of the Authority

6. گورننگ باڊي جي جوڙجڪ
Constitutions of the Governing Body

7. ميمبرن جي نااهلي

Disqualification of the members

8. ميمبرن جو معاوضو ۽ الائونس

Remuneration and allowance to members.

9. ڊائريڪٽر جنرل جي مقرري ۽ برطرفي

Appointment and removal of Director General

10. عملدارن، صلاحڪارن ۽ ملازمن جي مقرري

Appointment of Officers, Advisors and employees

11. اٿارٽي جا اختيار ۽ ڪم

Powers and Functions of Authority

12. اٿارٽيءَ جو بزنس ۽ اجلاس

Disposal of the business and Meetings of the Authority

13. چيئرمين جا اختيار ۽ ڪم

Powers and Functions of the Chairman

14. ڊائريڪٽر جنرل جا اختيار ۽ ڪم

Powers and Functions of Director General

15. ڪوآرڊينشن ڪميٽي جي جوڙجڪ

Constitution of the Coordination Committee

16. ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جا ڪم

Functions of the Coordination Committee

17. اٿارٽي، چيئرمين ۽ ڊائريڪٽر جنرل پاران اختيارن جي منتقلي

Delegation of powers by the Authority, Chairman and Director General

18. مالياتي، فني، مشاورتي ڪميٽي

Advisory Committees Technical, Financial

19. ڪچي آبادي جو اعلان

Declaration of Katchi Abadi

20. ڪچي آبادين جي ترقي ۽ اصلاحات
Development and improvement of Katchi Abadis
21. اسڪيمون
Schemes
22. فنڊ
Fund
23. قرض، گرانٽس، امداد ۽ تحفا
Loans, grants, and gifts
24. سيڙپڪاري ۽ فنڊ جو استعمال
Investment and utilization of the fund
25. بجيٽ
Budget
26. اڪائونٽس ۽ آڊٽ
Accounts and Audit
27. بهتري واري فيس
Betterment Fee
28. بقاياجات جي وصولي
Recovery of Dues
29. ڏنڊ
Penalty
30. ڏوهہ جو ازالو
Cognizance of Offence
31. هدايت ڏيڻ جي لاءِ حڪومت جو اختيار
Power of Government to give directions
32. اٿارٽي جي معاملن جي ڪارڪردگي تي رپورٽ
Report on the conduct of the affairs of the Authority

33. ڪچي آبادي جي منتقلي

Transfer of Katchi Abadi

34. قدم کڻڻ ۽ ڪارروائين جو موثر هجڻ

Validation of acts and proceedings

35. ٻي قانونسازي باڊيز جي اختيارين جو استعمال

Exercise of powers of other Statutory Bodies

36. اپيليون

Appeals

37. اٿارٽيءَ جا ملازم سرڪاري ملازم سمجهيا ويندا

Functionaries of the Authority deemed to be public servants.

38. دائري اختيار ۾ پابندي

Bar of jurisdiction.

39. ڇوٽ

Indemnity

40. قاعدا

Rules

41. ضابطا

Regulations

42. رڪاوٽون هٽائڻ

Removal of difficulties

# سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريه 1986

# SINDH ORDINANCE NO. VI OF 1986

# سنڌ ڪچي آباديون آرڊيننس، 1986

# THE SINDH KATCHI ABADIS ORDINANCE, 1986

[11 ڊسمبر، 1986]

آرڊيننس جنهن جي ذريعي ڪچي آبادين جي علائقي جي ترقي ۽ بهتري جي لاءِ گنجائش فراهم ڪرڻ ۽ اهڙي طرح ڪچي آبادين کي باقاعده ٺاهڻ جي لاءِ اٿارٽي قائم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته ڪچي آبادين جي علائقي جي ترقي ۽ بهتريءَ جي لاءِ گنجائش فراهم ڪرڻ اهڙي ڪچي آبادين کي به باقاعده ٺاهڻ جي لاءِ ۽ ان مقصد جي لاءِ اٿارٽي جو قيام ضروري ٿي پيو آهي.

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1.(1) هن آرڊيننس کي سنڌ ڪچي آباديون آرڊيننس، 1986 سڏيو ويندو.

| | | |
|---|---|---|
| Short Title and commencement | هي سموري سنڌ صوبي تائين وڌايو ويندو. | (2) |
| | حڪومت نوٽيفڪيشن جي ذريعي ڪنهن ايراضي ڪي هن آرڊيننس جي سموري يا ڪنهن هڪ گنجائش کان بري قرار ڏئي سگهي ٿي. | (3) |
| | هيءُ في طور تي لاڳو ٿيندو ۽ 7 اپريل، 1986 کان ۽ ان کانپوءِ لاڳو سمجهيو ويندو. | (4) |
| اوور رائيڊنگ افيڪٽ<br>Overriding effect. | هيءُ آرڊيننس تيستائين موثر رهندو جيستائين ملڪ ۾ لاڳو ڪنهن قانون جي لاءِ وقت جي لاءِ نافذ هجي. | 2. |
| تعريف<br>Definitions | هيءُ آرڊيننس تيستائين موثر هوندو جيستائين وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون جي ٽڪراءُ ۾ نہ هجي. | 3. |
| | ”بجيٽ“ مان مراد دفعہ 4 جي تحت قائم ڪيل سنڌ ڪچي آبادي اٿارٽي؛ | (i) |
| | ”بجيٽ“ مان مراد اٿارٽي جي ساليانہ آمدني ۽ خرچ جو سرڪاري بيان؛ | (ii) |
| | ”چيئرمين“ مان مراد گورننگ باڊيءَ جو چيئرمين؛ | (iii) |
| | ”ڪميٽي“ مان مراد هن آرڊيننس جي تحت جوڙيل ڪوآرڊينشن ڪميٽي؛ | (iv) |

(v) ”ڪائونسل“ مان مراد سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 جي تحت ٿاهيل ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن، ميونسپل ڪارپوريشن، ميونسپل ڪارپوريشن، ميونسپل ڪميٽي يا ٽائون ڪميٽي؛

(vi) ”ڊائريڪٽر جنرل“ مان مراد اٿارٽي جو ڊائريڪٽر جنرل؛

(vii) ”فنڊ“ مان مراد سنڌ حڪومت؛

(viii) ”گورننگ باڊي“ مان مراد دفعه 6 جي تحت جوڙيل گورننگ باڊي؛

(ix) ”حڪومت“ مان مراد سنڌ حڪومت؛

(x) ”ڪچي آبادي“ مان مراد هن آرڊيننس جي تحت اهڙي اعلان ڪيل ڪچي آبادي ۽ هن ۾ شامل آهي. هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ سان وڏيڪ ڪنهن قانون جي تحت اعلان ڪيل ڪچي آبادي؛

(xi) ”ميمبر“ مان مراد اٿارٽي جو ميمبر ۽ جنهن ۾ شامل آهي چيئرمين؛

(xii) ”بيان ڪيل“ مان مراد قاعدن ۽ ضابطن جي مطابق؛

(xiii) ”قاعدا“ مان مراد هن آرڊيننس جي تحت جوڙيل قاعدا؛

(xiv) ”اسڪيم“ مان مراد هن آرڊيننس جي تيار ڪيل، شروع ڪيل يا عمل ۾ آندي وئي هجي؛

(xv) ”ٽربيونل“ مان مراد هن آرڊيننس جي تحت قائم ڪيل ٽربيونل آهي؛

(2) لفظ ۽ اظهار کي اها ئي معنيٰ حاصل هوندي جيڪا هن کي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ڏني وئي آهي.

## باب ٻيون

## اٿارٽيءَ جو قيام ۽ گورننگ باڊيءَ جي جوڙجڪ

اٿارٽي جو قيام
Establishment of the Authority.

4.(1) هن آرڊيننس جي مقصد حاصل ڪرڻ جي لاءِ اٿارٽي قائم ڪئي ويندي، جنهن کي سنڌ ڪچي آبادي اٿارٽي سڏيو ويندو.

(2) اٿارٽي باڊي ڪارپوريٽ هوندي جنهن کي حقيقي وارٿي ۽ اختيار سان گڏ عام مهر حاصل هوندي، جيڪا هن آرڊيننس جي گنجائشن جي مطابق ڪا ملڪيت، ٻي متحرڪ ۽ غير متحرڪ حاصل ڪري سگهي ٿي ۽ خارج ڪري سگهي ٿي ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهي ٿو.

(3) اٿارٽي جو هيڊڪوارٽر ڪراچي ۾ هوندو.

اٿارٽيءَ جا انتظام
Administration of the Authority.

5.(1) اٿارٽي جي عام هدايت ۽ انتظام ۽ ان جا معاملا گورننگ باڊي وٽ هوندا، جيڪي سمورا اختيار استعمال ڪندي ۽ سمورا ڪم ڪندي جيڪي اٿارٽي پاران استعمال ڪيا وڃن ها.

(2) گورننگ باڊي پنهنجا ڪم سرانجام ڏيندي منصوبابندي، ترقي ۽ ٻيهر ترقي ۽ ڪچي آبادين ۾ هائوسنگ ۽ ري هائونسگ جي معاملن تي وقتن بوقتن حڪومت پاران اهڙي هدايت سان رهنمائي ڪئي ويندي، جيڪا حڪومت ڏئي.

(3) جيڪڏهن سوال اٿي ٿو ته معاملو پاليسي جو آهي يا نه آهي ته حڪومت جو فيصلو حتمي هوندو.

گورننگ باڊي جي جوڙجڪ

Constitutions of the Governing Body

6.(1) گورننگ باڊي مشتمل هوندي:

| | | |
|---|---|---|
| (i) | ڪچي آبادين جي لاءِ وزير | چيئرمين |
| (ii) | مڪاني ڪاتي جو سيڪريٽري | سرڪاري ميمبر |
| (iii) | (لينڊ يوٽيلائيزيشن) بورڊ آف روينيو جو ميمبر | سرڪاري ميمبر |
| (iv) | ڪمشنر ڪراچي ڊويزن | سرڪاري ميمبر |
| (v) | ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن | سرڪاري ميمبر |
| (vi) | ڪمشنر سکر ڊويزن | سرڪاري ميمبر |
| (vii) | ڊائريڪٽر جنرل | سرڪاري ميمبر |
| (viii) | اٿارٽي جي ماليات ۽ انتظاميا جو ڊائريڪٽر | سرڪاري ميمبر |
| (ix) | ميئر، ميٽروپوليٽن ڪراچي | سرڪاري ميمبر |
| (x) | ميئر، ميونسپل ڪارپوريشن حيدرآباد | سرڪاري ميمبر |
| (xi) | ميئر، ميونسپل ڪارپوريشن سکر | غير سرڪاري ميمبر |
| (xiii) | صوبائي اسيمبلي جا چار ميمبر حڪومت پاران مقرر ڪيا ويندا | غير سرڪاري ميمبر |

(2) ماليات ۽ انتظاميا جو ڊائريڪٽر گورننگ باڊي جو سيڪريٽري هوندو.

(3) حڪومت ڪنهن به وقت تي ڪنهن شخص کي موجود ميمبر يا ٻي صورت ۾، جي جاءِ تي سرڪاري يا غير سرڪاري ميمبر مقرر ڪري، گورننگ باڊي جي جوڙجڪ کي تبديل ڪري سگهي ٿي.

(4) گورننگ باڊي ڪنهن شخص کي ڪنهن خاص مقصد جي لاءِ مقرر ڪري سگهي ٿي، پر اهڙي شخص کي ووٽ جو

حاصل نہ هوندو.

(5) چيئرمين ڪنهن ميمبر کي پنهنجي غيرحاضري ۾ چيئرمين جي حيثيت سان ڪم ڪري سگهي ٿو.

(6) سرڪاري ميمبر عهدو ڇڏڻ جي صورت ۾ ميمبر نہ رهندو.

(7) حڪومت پاران مقرر ڪيل غير سرڪاري ميمبر حڪومت جي مرضيءَ سان عهدو رکي سگهي ٿو پر ڪنهن بہ وقت حڪومت جو تحريري ميمبرشپ جو تان استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو.

ميمبرن جي نااهلي

Disqualification of the members.

7. ڪو بہ شخص ميمبر نہ رهندو.

(i) سرڪاري ملازمت يا قانون ساز باڊي کان هٽايا يا برطرف ڪيو ويو آهي؛

(ii) ذهني ۽ جسماني طور تي معذور آهي يا ٿي ويو آهي؛

(iii) بداخلاقي جي ڏوهہ ۾ سزا يافتہ هجي يا سزا ٻڌائي وئي هجي؛

(iv) هن آرڊيننس جي گنجائش جي خلاف ڪم ڪيو آهي يا ڪم رهيو آهي؛

(v) اٿارٽي جي ڪنهن پروجيڪٽ يا اسڪيم ۾ سڌي يا اڻ سڌي مالي مفاد ۾ هجي؛

(vi) اٿارٽي جي مفاد سان سڌو يا اڻ سڌو ٽڪراءَ ۾ اچي؛

ميمبرن جو معاوضو ۽ الائونس

Remunerati

8. اٿارٽي غير سرڪاري ميمبرن کي اهڙو معاوضو، الائونس يا ٻي سهولت ڏئي سگهي ٿو جيئن اها حڪومت جي منظوري سان طئي ڪري.

on and allowance to members.

ڊائريڪٽر جنرل جي مقرري ۽ برطرفي
Appointment and removal of Director General.

9.(1) حڪومت اهڙي اهليت جي حامل فرد کي ڊائريڪٽر جنرل طور مقرر ڪندي ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن جي تحت جيئن اهو طئي ڪري.

(2) ڊائريڪٽر جنرل اٿارٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو.

(3) حڪومت ڊائريڪٽر جنرل کي هٽائي سگهي ٿي.
جيڪڏهن اها،

(a) هن آرڊيننس جي تحت پنهنجو ڪم ڪرڻ ۽ ذميواريون ادا ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿو يا ناڪام ٿئي ٿو يا نااهل ٿي وڃي ٿو؛

(b) ڊائريڪٽر جنرل جي طور تي پنهنجي ساک خراب ڪري ٿو.

(c) سڌي يا اڻ سڌي اٿارٽي ڪنهن ملڪيت، اسڪيم يا ٻي معاملي ۾ ڪو حصو يا مفاد حاصل ڪيو هجي يا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هجي؛

(4) ڊائريڪٽر جنرل کي ٻڌڻ جو موقعو ڏيڻ کانسواءِ هن کي عهدي تان نه هٽايو ويندو.

عملدارن، صلاحڪارن ۽ ملازمن جي مقرري
Appointment of Officers, Advisors and

10.(1) اٿارٽي پنهنجي ڪمن کي بهتر ادائيگي جي لاءِ اهڙو صلاحڪار، عملدار بشمول ڊائريڪٽر فنانس اينڊ ايڊمنسٽريشن ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر جنرل ۽ ٻيا عملدار جيڪي اهڙو پروفيشل، ٽيڪنيڪل، منسٽريل يا سيڪريٽريل قابليت ۽ تجربو رکندو هجي ۽ تجربو رکي ٿو اهڙن طريقن ۽

employees.

اهڙين شرطن ۽ ضابطن جي تحت مقرر ڪري سگهي ٿي، جيئن قاعدن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

(باب ٽيون)

## اٿارٽيءَ جا اختيار ۽ ڪم ۽ ان جو عملو

اٿارٽي جا اختيار ۽ ڪم

Powers and Functions of Authority.

11.(1) هن آرڊيننس جي گنجائشن جي مطابق اٿارٽي اهڙا اختيار استعمال ڪندي ۽ اهڙا ڪم سرانجام ڏيندي، جيڪي هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ جي لاءِ ضروري هجن.

(2) مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان ٽڪراءَ ڪانسواءِ اٿارٽي:

(i) ڪچي آبادين جي علائقي جي ترقي ۽ بهتريءَ جي لاءِ اهڙين ڪچين آبادين جي لاءِ حڪومت پاران جوڙيل حڪمت عملين تي عمل ڪري سگهي ٿي.

(ii) لاڳاپيل اٿارٽيز پاران اهڙي حڪمت عملين تي عملدرآمد ڪرائڻ جي لاءِ رهنمائي ڪري سگهجي ٿي.

(iii) ڪچي آباديون يا ان سلسلي ۾ علائقن جي سڃاڻپ ڏئي سگهي ٿو جنهن ۾ هن آرڊيننس جي تحت ترقي، بهتري يا منتقلي ٿيڻي آهي ۽ ان ڪچي آبادين يا علائقن جي نشاندهي ڪري سگهي ٿي، جنهن جي ڪچي آبادين طور منتقلي ٿيڻي آهي.

(iv) تفصيل طبي سروي ڪري، ڪچي آبادين جي رهائشين جي ڳڻپ جا انتظام ڪري سگهي ٿي ۽ منصوبي ۽ ترقياتي منصوبا تيار ڪرڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿي ۽ ڪچي آبادين جي منتقلي ۽ ترقيءَ سان لاڳاپيل ترقياتي ڪمن جي ڊيزائن ٺاهي سگهي ٿي.

(v) ڪچي آبادين جي حوالي سان ترقياتي ۽ مالي پروگرام تيار ڪرڻ ۽ اهڙن پروگرامن جي عملدرآمد جي حڪمت عملي جوڙڻ؛

(vi) فنڊ کي هلائڻ جي نگراني ڪري سگهي ٿي.

(vii) غيرقانوني رهائشي ماڻهن جي ڪان خالي ڪرائڻ يا خالي ڪرڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿي يا ڪچي آبادي يا ڪنهن علائقي ۾ جيڪي وقتي طور قانون جي مطابق ڪچي آبادي جي طور تي مستقل ڪرڻ جي لائق نہ هجن ان مان حددخليون هٽائڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿي.

(viii) منقولا يا غير منقولا ملڪيت حاصل ڪري سگهي ٿي يا رکي سگهي ٿي ۽ سنڀالي سگهي ٿي يا اهڙي ملڪيت نيڪال ڪري سگهي ٿي.

(ix) اسڪيم يا اسڪيمون تيار ڪرڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿي ۽ اهڙين اسڪيمن کي مڪمل ڪرڻ جو سبب بڻجي سگهي، جتي ضروري سمجهي تہ گهٽ قيمت واري هائوسنگ ۾ ڪچي آبادين ۾ انهن علائقين جو ڪچي آبادي طور منتقلي جي قابل نہ هجن، ان ۾ منتقل ڪيل آبادي جي لاءِ ٻيي ترقياتي اسڪميون ٺاهي سگهي ٿي.

(x) ڪچين آبادين ۾ اهڙن علائقن، جن کي ڪچين آبادين طور باقاعده نٿو ڪري سگهجي، اتان لڏي ايندڙ ماڻهن جي آبادڪاريءَ لاءِ، جتي ضروري هجي، گهٽ خرچ وارا رهائشي منصوبا ۽ ٻيهر ترقيءَ جون اسڪيمون شروع ڪرڻ؛

(xi) ٺيڪن ۾ داخل ۾ ٺيڪا وٺي سگهن ٿا؛

(xii) هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ جي لاءِ خرچ برداشت

ڪري سگهي ٿي؛

(xiii) ڪائونسلز ۽ اهڙين ٻين لاڳاپيل ايجنسين جي ذريعي ڪچي آبادين ۾ عوامي سهولتون ۽ عوامي خدمتن جا انتظام ڪري سگهي ٿي؛

(xiv) اهڙا قدم کڻي سگهي ٿي، جيڪي اٿارٽي جا مقصد حاصل ڪرڻ جي لاءِ ضروري ۽ فائديمند هجن؛

اٿارٽيءَ جو بزنس ۽ اجلاس
Disposal of the business and Meetings of the Authority.

12.(1) اٿارٽيءَ جو قيام ڪاروبار ضابطن جي مطابق ڪيل طريقن تحت گورننگ باڊي جي اجلاس جي ذريعي هلايو ويندو.

(2) گورننگ باڊي جو اجلاس هن طرح ۽ اهڙي وقت ۽ اهڙي جاءِ تي گهرايو ويندو، جيئن ضابطن جي مطابق بيان ڪيا ويا هجن.

بشرطيڪ جيستائين ان سلسلي ۾ ضابطا جوڙيا وڃن ڪاروبار کي هن طرح سان هلايو ويندو ۽ اجلاس اهڙيءَ طرح گهرايا ويندا ۽ هن طرح سان جيئن چيئرمين پاران هدايت ڪئي وئي هجي.

(3) ڪو بہ معاملو جنهن جو فيصلو اٿارٽي پاران هجي يا نہ هجي اٿارٽي جي اجلاس ۾ موجود ميمبر ان جي اڪثريت پاران ووٽ جي ذريعي طئي ڪيو ويندو.

(4) هر ميمبر کي هڪ ووٽ حاصل هوندو ۽ ووٽن جي برابري جي صورت ۾، چيئرمين کي ووٽ حاصل هوندو.

(5) اٿارٽيءَ جي ڪل ميمبرشپ جو ٽيون حصو اجلاس جي ڪورم ۾ ٿاهيو ويندو.

چيئرمين جا اختيار ۽ ڪم
Powers and

13. چيئرمين اهڙيون زميواريون سرانجام ڏيندو ۽ اهڙا ڪم ڪندو جيڪي هن آرڊيننس جي تحت حوالي ڪيا ويا

هجن.

Functions of the Chairman.

ڊائريڪٽر جنرل جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions of Director General.

14.(1) ڊائريڪٽر جنرل اٿارٽي جو چيف ايگزيڪيٽيو هوندو.

(2) هن آرڊيننس جي گنجائشن ۽ قاعدن مطابق ۽ چيئرمين جي عام ضابطن جي تحت، ڊائريڪٽر جنرل.

(a) اٿارٽي تي موثر ضابطا هوندا ۽ اٿارٽي جي روزمره معاملن کي بهتر نموني هلائڻ جي لاءِ ذميوار هوندو؛

(b) اٿارٽي جي مالياتي ۽ ايگزيڪيوٽو انتظامن جي نگراني ڪندو ۽ اهڙا ڪم سرانجام ڏيندو ۽ اهڙا اختيار استعمال ڪندو جيڪي هن آرڊيننس جي تحت حوالي ڪيا ويا ۽ منتقل ڪيا ويا هجن؛

(c) اٿارٽي جي لاءِ ۽ ان جي پاران قانوني ڪارروائي شروع ڪرڻ يا حصو وٺڻ جي لاءِ ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن جي لاءِ ذميوار هوندي.

(d) اٿارٽي جي حڪمن جي لاءِ نگراني ۽ ان تي عملدرآمد جي لاءِ ذميوار ۽ بااختيار هوندو؛

(e) اٿارٽي جي عملدارن تي انتظامي ضابطي رکڻ جو اختيار حاصل هوندو؛

ڪوآرڊينشن ڪميٽي جي جوڙجڪ
Constitution of the Coordination

15.(1) هر ڊويزن مان هڪ ڪوآرڊينيشن ڪميٽي هوندي.

(2) ڪميٽي ڊويزن جي ڪمشنر تي مشتمل هوندي.
جيڪو هن جو چيئرمين هوندو ۽ اهڙي بي سرڪاري ۽ غير سرڪاري ميمبرن جو حڪومت پاران مقرر ڪيا ويندا.

(3) ڪميٽي ڪنهن بہ شخص کي پنهنجي خاص مقصد جي لاءِ

مقرر ڪري سگهي ٿي.

Committee.

آرڊيننيشن ڪميٽي جا ڪم
Functions of the Coordination Committee

16. ڪميٽي ڪندي:

(i) اٿارٽي هن جي ڪمن جي ادائيگي ۾ مدد ڪندي؛

(ii) ڊويزن ۾ بين لاڳاپيل ايجنسين کان اٿارٽي جي سرگرمين ۾ موثر سهڪار جي لاءِ ذميواري هوندي،

(iii) ڪچي آبادين ۾ حددخلين جي بچاءَ کي يقيني بڻايو ويندو؛

(iv) اهڙا قدم کڻندي جيڪي ضروري ۽ هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ جي لاءِ فائديمند هجن؛

(v) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيندي جيڪي هن اٿارٽي پاران حوالي ڪيا ويا هجن؛

(2) ڪميٽي اهڙيءَ طرح ڪم ڪندي، جيئن بيان ڪيو ويو آهي؛
بشرطيڪ جيستائين اهڙا ضابطا ٺاهيا وڃن، ڪميٽي ائين ڪم ڪندي جيئن ڪميٽي جي چيئرمين پاران هدايت ڪئي وئي هجي.

اٿارٽي، چيئرمين ۽ ڊائريڪٽر جنرل پاران اختيارن جي منتقلي
Delegation of powers by

17.(1) اٿارٽي حڪومت جي پيشگي منظوري ۽ اهڙي شرطن جي مطابق، جيئن اهو لاڳو ڪري، ڪنهن شخص، ايجنسي يا اٿارٽي کي هن آرڊيننس جي، قاعدن يا ضابطن جي تحت پنهنجا ڪي به اختيار، ذميواريون سپرد ڪري سگهي ٿي.

(2) چيئرمين يا ڊائريڪٽر جنرل هن آرڊيننس جي قاعدن ۽ ضابطن جي تحت پنهنجو ڪو به اختيار، ذميواريون يا ڪم

the Authority, Chairman and Director General.

ڪنهن عملدارن يا اٿارٽي جي ملازم کي سپرد ڪري سگهي ٿي، سواءِ ذيلي دفعہ (1) جي تحت حوالي ڪيل اختيارن جي.

ماليا تي، فني، مشاورتي ڪميٽي
Financial, Technical, Advisory Committees.

18. اٿارٽي اهڙي مالياتي مالياتي، فني يا صلاحڪاري ڪميٽي جي جوڙجڪ يا ڪم ڪري سگهي ٿي، جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

## باب چوٿون

## ڪچي آبادين جو اعلان ۽ زمين جو حصول

ڪچي آبادي جو اعلان
Declaration Katchi of Abadi

19.(1) جاٽايل شقن (2)، (3) ۽ (4) ۽ حڪومت جي هدايت جي مطابق، جيڪڏهن ڪجھ هجي تہ، اٿارٽي اهڙي جانچ ڪانپوءِ جيڪڏهن مناسب سمجهي، سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن جي ذريعي ڪنهن ذريعي يا ان جي حصي کي جيڪو 23 مارچ 1985 کان پهريان عارضي طور يا مڪمل طور تي غير قانوني قبضي هجي ۽ لڳاتار قبضو جاري هجي،ان کي ڪچي آبادي جي طور اعلان ڪري سگهجي ٿو.

(2) علائقي جيڪي وفاقي حڪومت جي ملڪيت هيٺ هجن، وفاقي حڪومت جي اجازت وٺڻ ڪانسواءِ ان جي ڪچي

آبادي طور اعلان نٿو ڪري سگهجي.

(3) ذاتي شخصيت يا ڪوآپريٽو سوسائٽي جي ملڪيت هيٺ ڪا ايريا يا ڪچي آبادي طور اعلان نہ ڪيو ويندو. ان شخص کان سواءِ يا سوسائٽي جي اجازت کان سواءِ ۽ هن طرح اعلان ڪيل ڪچي آبادي ان شرطن يا ضابطن جي تحت هوندي جنهن تي اهڙي شخص، يا جيئن معاملو هجي، سوسائٽي ۽ اٿارٽي جي وچ ۾ رضامندي ظاهر ڪئي وڃي.

(4) ان کان علاوه ٻي صورت ۾ حڪومت پاران هدايت ڪيل، ڪا بہ ايريا جيڪا رستن، گهٽين، واٽر سپلاءِ انتظاميا، سيوريج يا ٻين مخصوص انتظامن، اسپتالن، اسڪولن، ڪاليجن، لائبريرين، راند جي ميدانن، باغن، مسجدن، قبرستانن، ريلوي اسٽيشن لائينز يا اهڙي ٻين مقصدن جي لاءِ مختص هجي يا ٻوڏ جي تباهيءَ کان محفوظ نہ هجي، ان کي ڪچي آبادي جي حيثيت سان اعلان نہ ڪيو ويندو.

(5) ڪا بہ ايريا جيڪا ڪچي آبادي جي حيثيت سان اعلان ڪيو وڃي، جاٽايل دفعہ (3) ۾ بيان ڪيل معاهدي جي مطابق اٿارٽي ۾ رهندو.

(6) جتي اٿارٽي هن خيال سان آهي تہ جاٽايل دفعہ (3) ۾ بيان ڪيل ايريا رضامندي يا معاهدي حاصل نٿي ڪري سگهجي تہ ايريا کي حيدرآباد ڊيولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1976 جي باب IV جي جي گنجائشن جي مطابق حاصل ڪيو ۽ ان جو معاوضو ادا ڪيو ويندو، جيڪو هن آرڊيننس جي مقصد ن جي لاءِ تبديل ڪيل سمجهيو ويندو.

(a) اٿارٽي، هن جي چيئرمين ۽ ميمبر پاران ترتيبوار حوالو ڏنل

هن آرڊيننس جي تحت نااهل اٿارٽي، چيئرمين ۽ ميمبر پاران سمجهيو ويندو؛

(b) ايريا حاصل ڪرڻ جي لاءِ معاوضو ان سلسلي ۾ جوڙيل ٽربيونل پاران طئي ۽ ادا ڪيو ويندو؛

(c) معاوضو طئي ڪرڻ يا ادائيگي ڪرڻ جي لاءِ ٽربيونل کي ڪليڪٽري کي سمورا اختيار حاصل هوندي؛

(d) شقن 33، 45 ۽ 46 ۾ ڪليڪٽر پاران ترتيبوار حوالو ٽربيونل پاران سمجهيو ويندو؛

(7) حڪومت ٽربيونل طور تي بي ايس 17 يا 18 ۾ ڪو به عملدار مقرر ڪري سگهي ٿي.

(8) حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن جي ذريعي ٽربيونل قائم ڪري سگهي ٿي، جنهن ۾ هن ٽربيونل کي دائره اختيار حاصل هوندو.

## باب _ V

### ڪچي آبادين جي ترقي، اصلاحات ۽ مستقلي ۽ ان سلسلي ۾ اسڪيمون

ڪچي آبادين جي ترقي ۽ اصلاحات
Development and improvement Katchi of Abadis

20.(1) ذيلي دفعه (2) جي تحت اٿارٽي هن آرڊيننس جي گنجائشن جي مطابق ڪچي آبادين کي ترقي ڏياريندي يا مستقل ڪيو ويندو.

(2) هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ سان هن طرح اعلانيل ڪچي آباديون، بهتري، ترقي يا مستقلي جي مقصد جي لاءِ ڪائونسل ۾ ئي رهنديون، جنهن ۾ هيءُ ڪچي آباديون واقع آهن.

(3) اٿارٽي ڪنهن به وقت تي ذيلي دفعه (2) ۾ بيان ڪيل ڪچي

آبادين کي تحويل ۾ وٺي سگهي ٿي، جنهن ڪانپوءِ سمورا حق ۽ فائدا، قبضي ۾ رکيل يا ڪائونسل ۾ شامل ۽ اهڙين بقاياڻن جيڪي قانوني طور ڪائونسل پران هجين جيئن حڪومت طئي ڪري، اٿارٽي ڏانهن منتقل ٿي ويندا.

اسڪيمون Schemes.

21.(1) اٿارٽي ڪچي آبادين جي ترقي، بهتري يا مستقلي جي لاءِ اسڪيم يا اسڪيمون تيار ڪندي يا تيار ڪرڻ جو سبب بڻجندي ۽ اهڙيءَ طرح تيار ڪيل اسڪيمون يا اسڪيمن جي منظوري جي لاءِ حڪومت کي جمع ڪرايون وينديون. اسڪيم جو واسطو پئجي سگهي ٿو.

(a) ڪميونٽي پلاننگ، هائوسنگ، ري هائوسنگ بشمول گهٽ قيمت تي گهرن ۽ ترقياتي ڪمن جي؛

(b) ڪچي آبادين جي قانوني ۽ غيرقانوني رهائشين کي هن ڪچي آبادي جي بحالي يا جتي اهو ممڪن نہ آهي تہ ڪنهن ٻي ايريا يا لوڪيلٽي ۾ بحالي؛

(c) ڪميونٽي سهولتون بشمول واٽر سپلائي، سيوريج ڊسپوزل، بجلي، فراهمي، گيس ۽ ٻيون عوامي سهولتون يا خدمت؛

(d) رستا ۽ گهٽيون؛

(e) ليز جا شرط ۽ ضابطا بشمول ليز جي مدت ۽ طريقيڪار ۽ ليز حقن جي منتقلي؛

(f) ليز جي رقم ۽ ترقياتي چارجز؛

(g) ڪو بہ ڪم يا معاملو جيڪو هن آرڊيننس جي مقصدن سان لاڳاپيل هجي؛

(3) حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن جي ذريعي ذيلي دفعہ (2) ۾ ڏنل مضمون جي فهرست تبديل يا ترميم ڪري

سگهي ٿي ۽ اهڙو ڪو واڌارو ۽ تبديلي تڏهن عمل ۾ آندي ويندي، جيستائين هن آرڊيننس ۾ شامل ڪئي ويندي.

(4) سموريون اسڪيمون هن طرح ۽ اهڙي طريقي سان تيار ڪيون ونديون، جيئن حڪومت بيان ڪري ۽ ٻين شين سان گڏ هيٺ ڄاڻايل ڄاڻ شامل هوندي، يعني:

(a) اسڪيم جو تفصيل ۽ ان جي عملدرآمد جو طريقو؛

(b) خرچ ۽ فائدي جو اندازو؛

(c) خرچن جو مختصر ڪرڻ، جيڪو اسڪيم جي تحت مختلف مقصدن جي لاءِ ڪيو ويندو؛

(d) شروعات جي تاريخ؛

(e) مڪمل ڪرڻ جي تاريخ؛

(5) ڪنهن اسڪيم جي منظوري کانپوءِ ڪنهن به وقت تي هن جي مڪمل ٿيڻ کانپوءِ، حڪومت پنهنجي يا اٿارٽي جي سفارش تي هن کي تبديل ڪري سگهي ٿي.

(6) اٿارٽي منظور ڪيل اسڪيم يا اسڪيمن تي عملدرآمد ڪندي يا عملدرآمد ڪرڻ جو سبب بڻجندي ۽ اهڙا قدم کڻندي ۽ اهڙا اختيار استعمال ڪندي، بشمول وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون جي تحت حددخليون هٽائڻ جي اختيار کي، جيئن اهو اهڙو مقصد حاصل ڪرڻ جي لاءِ ضروري سمجهي.

## باب – VI

## ماليات، آڊٽ ۽ اڪائونٽس

فنڊ Fund.

22.(1) اٿارٽي جو هڪ الڳ فنڊ هوندو، جنهن کي سنڌ ڪچي آباديز اٿارٽي فنڊ سڏيو ويندو.

(2) فنڊ مشتمل هوندو:

(a) وفاقي حڪومت، صوبائي حڪومت يا ڪنهن لوڪل اٿارٽي پاران حاصل ڪيل گرانٽس ۽ سبسڊي؛

(b) اٿارٽي پاران جمع ڪيل يا حاصل ڪيل قرض؛

(c) پائيواري، عطيات امداد يا جيڪو اٿارٽي پاران موصول ٿيندو هجي؛

(d) فيس، پريميم، ليز جي رقم، ترقياتي چارجز ڪميشنز اگهه، هن آرڊيننس جي تحت وصول ڪيل ڪرايو ۽ اٿارٽي پاران فراهم ڪيل خدمتن جي لاءِ ٻيون چارجز؛

(e) ٻي سموري رقم جيڪا اٿارٽي پاران وصول ڪرڻ جي قابل هجي؛

قرض، گرانٽس، امداد ۽ تحفا
Loans, aid grants, gifts.

23. اٿارٽي پيش ڪيل منظوري سان ۽ ان شرطن ۽ ضابطن جي تحت جيئن حڪومت پاران منظور ڪيو ويو هجي، حاصل ڪري سگهي ٿي.

(i) هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ جي لاءِ بينڪن ۽ ٻين ذريعن کان قرض؛

(ii) پاڪستان غير ملڪي ڊونر ايجنسين کان گرانٽس، امداد يا تحفا.

سيڙپڪاري ۽ فنڊ جو استعمال
Investment and utilization of

24.(1) فنڊ ۾ رکيل رقم اٿارٽي پاران منظور ڪيل شيڊول بينڪ ۾ جمع ڪرائي ويندي.

(2) اٿارٽي وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت جي ڪنهن سيڪيورٽي يا حڪومت پاران منظور ڪيل ٻي ڪنهن سيڪيورٽي ۾ پنهنجن فنڊن جو سيڙپڪاري ڪري سگهي ٿي.

| | |
|---|---|
| the fund | (3) اٿارٽي هن آرڊيننس جي مقصدن حاصل ڪرڻ جي لاءِ فنڊ استعمال ڪندي، بشمول هيٺ ڄاڻايل ادائيگي هوندي: |
| | (a) ڪچي آبادي جي مستقلي ۽ ترقي ۽ اسڪيم مڪمل ڪرڻ لاڳاپيل چارجز؛ |
| | (b) هن آرڊيننس جي تحت حاصل ڪيل ڪنهن ملڪيت جي لاءِ معاوضو؛ |
| | (c) قرض ۽ ان سلسلي ۾ وياج؛ |
| | (d) ميمبرن، عملدارن بشمول ڊائريڪٽر جنرل، ماهرين، صلاحڪارن هن آرڊيننس جي تحت ڪنهن رکيل ايجنسين ۽ اٿارٽي جي ٻين ملازمن جون پگهارون ۽ ٻيو معاوضو. |
| بجيٽ Budget | 25. (1) اٿارٽي هر مالي سال جي حاصل ڪيل ۽ خرچ ڪيل خرچن جو بيان تيار ڪندي ۽ اهڙو بيان اهڙي مالي سال جي شروعات کان گهٽ ۾ گهٽ ٻن مهينن تائين حڪومت وٽ جمع ڪرائيندي. |
| | (2) حڪومت ذيلي دفعه 1 تحت پيش ڪيل بجيٽ کي تبديلين سان يا بغير ڪنهن تبديلي جي منظور ڪري سگهي ٿي. |
| | (3) جيڪڏهن مالي سال جي شروعات کان اڳ حڪومت پاران باضابطه طور منظور ٿيل بجيٽ وصول نه ٿيئي، ته اها منظور ٿيل سمجهي ويندي. |
| اڪائونٽس ۽ آڊٽ Accounts and Audit. | 26.(1) اٿارٽي فنڊ جي مڪمل ۽ صحيح اڪائونٽس ۾ رکيل ۽ رکڻ جو سبب بڻجندي، اهڙي طريقي ۽ اهڙي طرح جيئن قاعدن ۾ بيان ڪيو ويو هجي. |
| | (2) اٿارٽي جي اڪائونٽس تي مالي سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ |

پيرو اهڙي آڊيٽرن جي رپورٽن سان گڏ هر مالي سال جي ختم ٿيڻ جي چار مهينن دوران حڪومت وٽ جمع ڪرائي ويندي.

(3) چاٽايل دفعه (2) جي تحت حتمي طور آڊٽ ڪيل اڪائونٽس جو بيان آڊيٽرن جي رپورٽن سان گڏ هر مالي سال جي ختم ٿيڻ جي ڇهن مهينن دوران حڪومت وٽ جمع ڪرائي ويندي.

بهتري واري فيس
Betterment Fee.

27.(1) جيڪڏهن اٿارٽي ان خيال جي آهي ته ڪنهن اسڪيم جي مڪمل ٿيڻ جي نتيجي ۾ اهڙي اسڪيم ۾ شامل ملڪيت جا اگهه وڌيا آهن يا وڌندا ته اهڙي ملڪيت تي بهتري جي فيس لڳائي سگهجي ٿي ۽ اهڙي طرح ان سلسلي ۾ مالڪ کان وصول ڪري يا ڪنهن شخص کان، جنهن جي قبضي ۾ هجن يا جنهن جو ان سلسلي ۾ مالي مفاد هجي، ان کان وصول ڪري سگهي ٿي.

(2) بهتريءَ جي فيس اهڙي قيمت تي لڳائي ويندي جيئن اٿارٽي پاران حڪومت جي منظوري سان طئي ڪئي ويندي، بشرطيڪ اهڙي فيس جي اسڪيم مڪمل ٿيڻ کان پهريان قيمت جي اڌ کان وڌيڪ نه هجي، جنهن جي مڪمل ٿيڻ کانپوءِ ملڪيت جا اگهه وڌي ويا هجن.

(3) جڏهن اٿارٽي کي لڳي ته ڪا اسڪيم اعليٰ معيار جي آهي ته بهتري جي فيس طئي ڪرڻ جي لاءِ اٿارٽي ان سلسلي ۾ حڪم جي ذريعي بهتريءَ جي فيس لڳائڻ جي، مقصد جو اعلان ڪري سگهي ٿي، اسڪيم جو ڪم مڪمل ڪيو وڃي ۽ ان سلسلي ۾ ملڪيت جي مالڪ يا ان سلسلي ۾ قبضو رکڻ وارو ڪو به شخص يا ان ۾ دلچسپي رکڻ واري کي

لکت تحريري نوٽس ڏنو ويندو تہ اٿارٽي اھڙي ملڪيت جي سلسلي ۾ بھتري جي فيس طئي ڪرڻ جي آچ ڪندو.

(4) اٿارٽي ذيلي دفعہ (3) جي تحت نوٽيس پھچائڻ جي پندرنهن ڏينهن ڪانپوءِ يا جيڪڏھن ڪا ريپريزينٽيشن جي رد ٿيڻ ڪانپوءِ بھتري جي فيس ھن طرح لڳائي ويندي ۽ جمع ڪري سگھجي ٿي ۽ ان طريقي سان جيئن قاعدن ۾ بيان ڪيو ويو ھجي.

بقاياجات جي وصولي
Recovery of Dues

28. اٿارٽي پاران ڪنهن شخص يا فردن جي باڊي يا ايجنسي پاران بقايائون لينڊ روينيو بقاياائن جي طور تي وصولي جي قابل ھوندا.

## باب – VII

## ڏوھہ ۽ ان جو ازالو

ڏنڊ
Penalty

29.(1) ڪو بہ شخص جيڪو ڪنهن شخص کي پنھنجي ذميوارين جي ادائيگي يا ان آرڊيننس جي تحت ڪنهن اسڪيم يا ڪم مڪمل ڪرڻ ۾ رڪاوٽ وجھي ٿو يا رڪاوٽ جو سبب بڻجي ٿو اھڙي اسڪيم يا ڪم جي سلسلي ۾ ھن آرڊيننس جي، قاعدن يا ضابطن جي تحت ڏنل حڪم يا ھدايت جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو، ڀڃڪڙي جي ڪوشش ڪري ٿو يا ڀڃڪڙي ۾ مدد ڪرڻ آھي، ھن کي قيد جي سزا ڏني ويندي جنھن جي مدت ھڪ سال تائين وڌي سگھي ٿي يا ڏنڊ، جيڪو ويھہ ھزار تائين وڌي سگھي ٿو يا ٻئي گڏ.

(2) جتي جاٽايل دفعہ (1) ۾ بيان ڪيل شخص جي ڪا ڪمپني يا ادارو آھي، تہ لاڳاپيل ڊائريڪٽر، عملدار يا ان سلسلي ۾ ايجنٽ، جيڪو ثابت ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو تہ ڏنڊ ان جي

چاڻ ڪانسواءِ لڳايو ويو آهي يا ان ڏوهہ کي روڪڻ جي لاءِ گهربل ڪوشش ڪئي تہ اهو ان ڏوهہ کي ڏوهاري سمجهيو ويندو.

ڏوهہ جوازالو
Cognizance of Offence

30. ڪنهن عدالت کي هن آرڊيننس جي تحت ڪنهن ڏنڊ تي دائره اختيار حاصل نہ ٿيندو علاوه جيستائين ڊائريڪٽر جنرل يا ان پاران مڪمل طور تي بااختيار بڻائڻ شخص پاران ان سلسلي ۾ لکت ۾ شڪايت نہ ڪئي وئي هجي.

(2) ان آرڊيننس جي قاعدن يا ضابطن جي تحت ڪنهن ڏوهہ تي فرسٽ ڪلاس ميجسٽريٽ جي عدالت کان گهٽ ڪا عدالت ڪارروائي نٿي ڪري سگهي.

## باب – VIII

## متفرق گنجائش

هدايت ڏيڻ جي لاءِ حڪومت جو اختيار
Power of Government to give directions.

31.(1) حڪومت اٿارٽي کان اٿارٽي جي ضبطي هيٺ ڪنهن معاملي جي سلسلي ۾ ڪو بہ دستاويز، ريٽرنز، هتي تفصيل يا ٻي چاڻ حاصل ڪري سگهي ٿي ۽ اٿارٽي اهڙي تي عمل ڪندي.

(2) حڪومت وقتن بوقتن اهڙي هدايت ڏيندي، جيڪا اهڙي رهنمائي ۾ اٿارٽي پاران عمل جي لاءِ ضروري سمجهي.

اٿارٽي جي معاملن جي ڪارڪردگي تي رپورٽ
Report on

32. اٿارٽي مالي سال ختم ٿيڻ جي ٽن مهينن دوران حڪومت کي هن مالي سال جي معاملن جي ادائيگي جي حوالي سان رپورٽ جمع ڪرائيندي.

the conduct of the affairs of the Authority.

33. جيستائين ڪجھ آرڊيننس جي ٽڪراءَ ۾ نہ هجي، اٿارٽي حڪومت جي منظوري سان ڪچي آبادي جي انتظامن ۽ ضابطن ڪائونسل کي منتقل ڪري سگھي ٿي، جنهن ۾ اهڙي ڪچي آبادي واقع هجي ۽ ڪائونسل اهڙي ڪچي آبادي جي انتظامن ۽ ضابطن اٿارٽي پاران واپس نہ ورتي ويندي.

ڪچي آبادي جي منتقلي
Transfer of Katchi Abadi

34. اٿارٽي جو ڪو بہ قدم يا ڪارروائي هن جي گورننگ باڊي ۾ ڪنهن بہ جڳھہ يا هن جي جوڙجڪ ۾ ڪنهن بہ خرابي سبب غيرموثر نہ ٿيندو.

قدم کڻڻ ۽ ڪارروائين جو موثر هجڻ
Validation of acts and proceedings.

35. جيستائين ڪجھ وقتي طور تي لاڳو ڪنهن قانون جي ٽڪراءَ ۾ نہ هجي، بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي، ڪراچي ڊيولپمينٽ اٿارٽي، حيدرآباد ڊيولپمينٽ اٿارٽي، حيدرآباد ڊيولپمينٽ اٿارٽي يا ٻيون ڪائونسلون اهڙي تاريخ تي ۽ هن کانپوءِ جيئن حڪومت نوٽيفڪيشن ۾ بيان ڪري ڪچي آبادي ۾ سمورا يا پنهنجا ڪجھ ڪم جيڪي نوٽيفڪيشن ۾ بيان ڪيا ويا هجن، ڪرڻ بند ڪندي ۽ اهڙا ڪم انهن

ٻي قانونسازي باڊيز جي اختيارين جو استعمال
Exercise of powers of other Statutory

Bodies

شرطن ۽ پابندين مان جيئن نوٽيفڪيشن ۾ بيان ڪيو ويو هجي، اٿارٽي پاران سرانجام ڏنا ويندا.

اپيليون
Appeals.

36.(1) هن آرڊيننس جي قاعدن يا ضابطن جي تحت جاري ڪيل حڪم کان متاثر ڪو شخص، سواءِ دفعه 19 جي ذيلي دفعه (6) جي تحت حڪم يا ايوارڊ جي، اهڙي اٿارٽي کي هن طريقي سان ۽ اهڙي عرصي اندر اپيل ڪري سگهي ٿو جيئن قاعدن جي مطابق بيان ڪيو ويو هجي.

(2) اپيل جو خارج اهڙيءَ طرح ڪيو ويندو، جيئن قاعدن ۾ بيان ڪيو ويو هجي ۽ اپيل تي جاري ڪيل حڪم حتمي هوندو.

اٿارٽيءَ جا ملازم سرڪاري ملازم سمجهيا ويندا
Functionaries of the Authority deemed to be public servants.

37. سمورا فرد گورننگ باڊي جي ميمبرن سميت ۽ هن آرڊيننس جي تحت جوڙيل ڪي ڪميٽي جي، صلاحڪار، ماهر ڪنسلٽنٽس ۽ اٿارٽي جا ملازم هن آرڊيننس جي قاعدن ۽ ضابطن جي تحت ڪم ڪري رهيا هجن يا ڪم جي لاءِ تيار هجن، اهي پاڪستان پينل ڪوڊ جي دفعه 21 جي تحت سرڪاري ملازم سمجهيا ويندا.

دائري اختيار ۾ پابندي
Bar of jurisdiction.

38. ڪنهن به عدالت کي هن آرڊيننس جي تحت ڪجهه به ڪرڻ يا ڪجهه به ڪرڻ جي ارادي يا ڪجهه ڪرڻ جي ڪوشش جي سلسلي ۾ ڪا به ڪارروائي ڪرڻ، ڪو به فيصلو ٻڌائڻ يا ڪو حڪم جاري ڪرڻ جو دائره اختيار

حاصل نہ هوندو.

39. هن آرڊيننس جي قاعدن ۽ ضابطن جي تحت سٺي نيت سان ڪجهہ بہ ڪرڻ يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي تي اٿارٽي يا ڪنهن ميمبر، عملدار، ملازم يا اٿارٽي جي عملي، يا اٿارٽي جي هدايت جي تحت ڪم ڪرڻ واري ڪنهن شخص يا هن جي ڪنهن عملدار جي خلاف ڪو بہ ڪيس يا ٻي قانوني ڪارروائي نہ ڪئي ويندي. — چوٽ Indemnity

40. حڪومت هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ جي لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. — قاعدا Rules

41. هن آرڊيننس ۽ قاعدن جي گنجائش جي مطابق، اٿارٽي هن آرڊيننس جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ضابطا ٺاهي سگهي ٿي. — ضابطا Regulations.

42. جيڪڏهن هن آرڊيننس جي گنجائشن کي بهتر بڻائڻ ۾ ڪا بہ رڪاوٽ پيش اچي ٿي تہ حڪومت اهڙو حڪم ڪري سگهي ٿي جيڪي اهڙي رڪاوٽ هٽائڻ جي لاءِ ضروري يا لازمي سمجهي. — رڪاوٽون هٽائڻ Removal of difficulties.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**